**ڊاڪٽر ذوالفقار علي جلباڻي**
**اسسٽنٽ پروفيسر**
**گورنمينٽ، بوائز ڊگري ڪاليج محرابپور**

# شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ جي مختلف پهلوئن جو تحقيقي اڀياس

# THE STUDY OF VARIOUS ASPECTS OF SHAH ABDUL LATIF'S POETRY

*Abstract*

*Shah Abdul Latif proved by examples the highest spiritual and literary exceptional ability of Sindh. He was gifted by the power of depiction the soul and prevailing conditions of Indus valley. As far as the choice of the subject is concerned. The great saint and poet of Indus valley is in line with the Quran. In Holy Quran contemptible objects as Spider, Bee, intend cow etc. are exemplified and given importance. Here what we mean is that various subjects were apt to inspire the human being at different periods of human evolution to their levels.*

*Shah deals with the life of fisherman, a spinner, a peasant, yogi and a prince with equal ease and familiarity. He talks flawless in their idioms and phrases that everyone can feel as if he perfectly belonged their class, when he deals with man, woman or child becomes one himself. The breadth and depth of view bestow the capacity to integrate by the dimensions of art, creation, we mean breadth, depth and highest of his ideas. We mean how for his insight reaches.*

*Keywords: Introduction, Discuss, Values, Poetry, Aspects of shah*

## تحقيق جو مقصد:

هن مقالي لکڻ جو بنيادي مقصد: شاهه عبد اللطيف جي شاعريءَ جي مختلف پهلوئن جو تحقيق جي اصولن ۽ معيار مطابق جائزو وٺڻ ۽ نيُن حقيقتن کي دريافت ڪرڻ آهي. سنڌ

جي انمول شاعرن ۽ بزرگن ۾، شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو نمايان نظر اچي ٿو. شاه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ پورهيتن ۽ هنرمندن ڪي ساراهيو آهي ۽ سندس ڪلام ۾ قدرت جي ڪاريگري ۽ فطرت جي سونهن پسِي سگهجي ٿي. اڄ جي دور ۾ شاه صاحب جي پيغام ڪي جنهن نموني سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ جي ضرورت آهي تنهن لاءِ وڏي ويچار جي ضرورت آهي.

جڏهن شاه صاحب اوڻٽيهن ورهين جو نوجوان هو ته، انهيءَ زماني ۾ صوفي شاه عنايت جهوڪ واري جي هارين جي حفاظت جي تحريڪ هلائيندي شهادت ٿي، اهو سمورو واقعو شاهه صاحب پنهنجي اکيُن سان ڏٺو ۽ محسوس ڪيو هوندو. اهڙن واقعن جا اثرات شاه صاحب جي ذهني ۽ فڪري سوچ تي نمايان ٿي اڀريا هوندا. تنهنڪري شاه صاحب جي شعور ڀريل دماغ ۾ هارين ۽ پورهيتن جو قدر وڌيڪ اجاگر ٿيڻ لڳو. شاه صاحب پنهنجون تخليقي سرگرميون تيزيءَ سان شروع ڪندي عوام ڏانهن مخاطب ٿي انهن ڪي انقلابي پيغام ڏيڻ وارو سلسلو قائم رکيو. ليڪن افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته، انهيءَ جي باوجود به، هتي جي ماڻهن پنهنجي مظلوميت ۽ مارڪٽ ڪي مقدرِ لکئي جو ليک سمجهڻ لڳندا هئا ۽ اکيُون هيٺ ڪري جاگيردارن جا ظلم ڀيا برداشت ڪندا هئا. اهو مظلوم طبقو وري هڪٻئي جو ويري ٿي جاگيرداري نظام جي چالاڪين کي سمجهي نه سگهيو جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ ۾ پاڻي جي واري يا فصل جي ڀيل تان هڪٻئي جا خون وهائي وري به، جاگيردارن وٽ فيصلو ڪري ڏنڊ ڏوهه ڀري شاڪر ۽ صابر ٿي ويهي رهندا هئا. اهڙي قسم جي ماريل طبقي جي پاڻ ۾ لڙائي ذهني معذوري ۽ سوچ جي ڪمي سبب پئي ٿيندي رهي جا اڄ تائين قائم آهي. انهن حالتن کي پيدا ڪرڻ وارا ۽ نون نون طريقن سان مظلوم طبقي کي پاڻ ۾ ويڙهائي لڙائي پنهنجا مفاد حاصل ڪندا رهيا آهن. اڄ به خون ڪرڻ کان ويندي هرطرح جون بُرايون سماج جي ارد گرد ڦرنديون رهن ٿيون.

اٽيڙهيل ۽ روايتي سردار پشت به پشت پنهنجي خاندان جي ظالماڻين روايتن کي قائم رکيون پيا اچن ۽ بي رحم سوچ ڪري مظلومن جو رت پِي رهيا آهن، حالانڪ سردار هڪ وڏو لفظ آهي، سردار چوَرائڻ وارن کي اهو هرگز ڪونه ٿو جڳائي جو هُو مظلوم، لاچار ۽ ڪمزورن مٿان اهڙا ڪَلُور ڪن. افسوس آهي انهن جي سوچ تي جيڪي سردار سڏائي به سردار واري رتبي کي لڄائي رهيا آهن. ملڪ ۾ جيڪي مظلومن، غريبن، اٻوجهن، اٽيڙهيلن ۽ بيوسن جا جهڳا اجاڙين ٿا تن کي سردار چوڻ به ڪيڏو نه معيوب ۽ ڏکائيندڙ عمل آهي. جن سماج جا بکيا ئي اڌوڙي ڇڏيا آهن تن کي پلا سردار چوڻ اهو به ڪو سمجهه ۽ شعور جو ڪم آهي.؟ شاعرن جا قلم مظلوم لاءِ وقف ٿيل نه آهن ته، انهن جون تخليقون ڪهڙي ڪم جون آهن؟ افسوس آهي جو جيڪي سماج دشمن آهن ۽ تشدد واري واٽ وٺن ٿا تن کي عوام سردار چئي پاڻ کي گناهگار ڪري ٿو پيو. عقل نه آهي ته، عذاب به موجون لڳي رهيا آهن. پلا اها ڪهڙي علقمندي چئبي جو مظلوم، مظلوم جو ويري هجي ۽ استحصالي طبقي جا گيت ڳائي پنهنجا غريب ڪُهائيندو رهجي!

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙا مفڪر شاعر صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن، شاهه صاحب جي پيغام ڏانهن ڌيان نه ڏرڻ جو ڪهڙو ڪارڻ هو جوشاهه صاحب جي حقيقي پهلوئن کان مُنهن موڙي ماڻهن پيري مريدي واري چڪر ۾ اچي، شاهه صاحب کان سڳڻ ڦيٽن جي اميد لڳائي ويهندا هئا. جنهنڪري شاهه صاحب جو اصل پهلو ڪيئي صديون سنڌ جي ماڻهن کان اوجهل رهيو. هن ڌرتيءَ وارن تي قدرت ۽ فطرت ٻئي مهربان ته آهن، پر علم ۽ عقل جي ڳالهين کي سمجهڻ ۽ انهن تي عمل نه ٿيڻ ڪري، اسان جي ماڻهن جون اندروني صلاحيتون اجاگر نه ٿي سگهيون.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ وڏو عالم، اڪابر ۽ ڏاهو انسان هو جنهن جي علمي ۽ عقلي ڏاهپ جا ڪيترائي پاسا آهن جن تي سندس آفاقي ڪلام آڌاريل آهي. تنهنڪري شاهه صاحب جي

مزار مبارڪ چمڻ بجاءِ اسان کي ان جي اصل پيغام کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي پيغام ۾ انسان جي عقلي، فڪري ۽ ڪائناتي سگهه اعليٰ درجي واري حيثيت ۾ نظر اچي ٿي ان ۾ قومي ترقي ۽ انسان دوستي، وطن دوستي ۽ هڪ ٻئي جي قدر ڪرڻ جو احترام سيکارڻ واري واٽ ڏيکاريل آهي. شاهه صاحب جي ڪلام جي مختلف پاسن کي ماڻهن تڏهن سمجهيو جڏهن سنڌ جي ماڻهن اندر کي منور ڪيو ۽ پنهنجي جيئڻ جي مقصد بابت سوچيو. چمڻ کان جيئڻ جا حق ڪهڙا آهن تن بابت سوچيو، ڪائنات ۾ موجود شين ڌانهن ڌيان ڌريو، پنهنجي فطرت ۾ موجود اردگرد ڌانهن نهاريو ۽ ناقابل فهم شين جي وضاحت ۽ تشريح لاءِ عقل ۽ شعور سان ڪم ڪرڻ لاءِ سوچڻ جو آغاز ڪيو.

گذريل زماني جي حالتن ۽ واقعن جي روشنيءَ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه کي ڏسجي ٿو ته، هن جن حالتن ۾ پنهنجو ڪلام چيو آهي، تن جا سيئي پهلو وسيع ۽ مؤثر نمونے ۾ پيش ڪيا اٿس. سندس همعصر دور جي عالمن جي تصنيفات جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته شاهه صاحب تي سندس همعصرن جي صحبت ۽ تعليم جا اثرات پڻ مرتب ٿيا. انهيءَ کان علاوه شاهه صاحب تي پنهنجي گهر ۽ خاندان جي روايتن جا به گهرا بنيادي اثر آهن. شاهه صاحب جي ڪلام ۾ فصاحت، بلاغت، جدت ۽ جوش هئڻ سان گڏ سنجيدگي ۽ غور فڪر وارا پهلو پڻ موجود آهن.

> شاهه صاحب جو دور، سياسي لحاظ کان مغل نوابن جي آخري ڏهاڪي، ۽ ڪلهوڙن حاڪمن جي حڪومت جو زمانو (1700 _ 1782ع) هو. شاهه لطيف جي ولادت 1690ع ۾، مغل نوابن جي زماني ۾ ٿي هئي. يعني ته ڪلهوڙن جي ڏيهي حڪومت جي شروع ٿيڻ کان ڏهه سال اڳ، لطيف سائينءَ جي ولادت ٿي هئي. (الانا، 2006: 215)

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي زندگي، فن ۽ فڪر تي ڪيترن ئي عالمن پنهنجون پنهنجون تحقيقون پيش ڪيون آهن، ۽ هرهڪ جو پنهنجو پنهنجو نقطهءِ نظر آهي. موجوده دور جون پنهنجي گهرجون آهن، جن مطابق شاهه صاحب تي سائنسي انداز سان ڪم جي ضرورت آهي. هڪ نئين نقطهءِ نظر سان اڄوڪي دورجي پس منظر ۾ اُن دور کي آڏو رکي شاهه صاحب جي شخصيت، فڪر ۽ سندس ڪلام ۾ پيش ڪيل موضوعن کي پرکيون ٿا ته، انهيءَ جو نتيجو هي نڪري ٿو ته، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي جيڪا پنهنجي دور ۾ اهميت هُئي، اُن کان به وڌيڪ اڄوڪي دور ۾ اهميت حاصل ٿي وئي آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي نگاهن هيٺ جيڪي وسيع آفاقي قدر هئا انهن کي شاهه صاحب پنهنجي مشاهدن سان مطالعو ڪري پيش ڪيو آهي، تن کي ان دور جي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي مطالعي ۽ مشاهدي سان سوچڻ، سمجهڻ ۽ ور ور ڪري ڏيان ڏرڻ کان پوءِ ئي، سندس ڪلام جي تخليقي اڏام جو پتو پوي ٿو ته، شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪلام تمام اونهو ۽ فڪر سان ڀريل ۽ سهڻي ريت بيان ڪيل آهي جنهن ڪري سندس شاعريءَ جي پرچار هر محفل ۽ مجلس جي زينت بڻيل آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو پيغام ٻڌي ۽ سڻي سڀ ڪو پنهنجي روح جي راحت ٿو سمجهي. شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جيڪي موضوع چونڊ ڪري پيش ڪيا آهن تن سان مڪمل انصاف ڪيو آهي ۽ پڙهندڙن کي ڪوبه ابهام نظر نه ٿو اچي ٿو، جنهن ڪري هرهڪ اُن مان فيض حاصل ڪري راحت پائي ٿو. گوناگون موضوعن ۾ پنهنجي منڙي وطن سنڌ جي **تهذيب ۽ تمدن کي ڏسي وائسي، رياضتون ۽ سيرسفر ڪري پنهنجي اندرني ۽ بيروني ڪيفيات** کي وڏي مهارت سان تحقيقي، تخليقي محاڪات ۽ ذهني صلاحيتن کي ڪتب آڻي اندر جي اونهاين مان خيالن کي ظاهر ڪري، سنڌ جي ريتن، رسمن، لوڪ قصن، زيورن، مذهبن ۽ انهن جي رسمن رواجن، واپار، سامونڊي اوجن

۽ عميقن، غواصن، هيرن ۽ موتين، سپن جا واه جا بيان ڪيا آهن ته، ٻئي طرف سندس ڪلام ۾ خوشين ۽ غمن جو ذڪر اهڙي ريت ڪيو اٿس جو عقل حيران رهجي وڃي ٿو. اهڙو ڪو موضوع ورلي هوندو جنهن تي شاه صاحب طبع آزمائي نه ڪئي هجي! پراڻا هنر، ڪاريگرن جو ڪاريگريون، علم ۽ ڏاهپ وارن جون ڳالهيون، عشقيه داستان، سورهين جون سورهيائون، سخين سخاوتون جون ، دنيا ۽ آخرت جا راز، راند روند، ڪچهريون پوکون راهون، جيتن، پالتو ۽ جنگلي جانورن جي خصلتن ۽ بدعادتن کان ويندي **صنعت ۽ حرفت ۾:** آڏاڻن، سوٽي ڪپڙي، ڪاشيگري، وينجهارڪو/ سونارڪو هنر، لوهارڪو، ڪنڀارڪو هنر، واڍڪوهنر، ڪاغذ سازي جو هنر، سڪي سازي، موچڪو هنر، واپار، ميلا، ملھ ملاکڙو، بندر بازاريون، جنگ ۽ جنگين جا ميدان سڀ جو سڀ سندس ڪلام ۾ پيش ڪري هر هڪ موضوع کي ڪمال درجو بخشي نمايان ڪري پيش ڪيو آهي. ڏک انهيءَ ڳالھ جو آهي جو شاه صاحب تي اجا اهڙو ڪم نظر نه ٿو اچي جيئن شيڪسپيئر جي ڪيترن ئي ڊرامن تي فلمون ٺهي رهيون آهن، ۽ ايئن شاھ صاحب جي هڪ هڪ سر تي چار چار ڊراما ۽ فلمون ٺهي سگهن ٿيون. اهو سمورو نتيجو تڏهن ئي مثبت ثابت ٿيندو، جڏهن اسان شاه صاحب جي سمتن کي شوق ۽ جذبي سان سنجيده ٿي سمجهنداسين ته هرهڪ پهلو مان نئين ڳالھ نروار ٿي آڏو بيهندي. سنڌ ۾ سماع جي روايت جيڪا شاھ ڪريم وٽ ملي، ان کي شاھ لطيف نهايت منظم طريقي سان مروج ڪيو ۽ جاري رکيو.

شاھ عبداللطيف ڀٽائي رحه پنهنجي سموري جواني کان پيرسنيءَ تائين، ڪلهوڙن جي حڪمراني جي رائج نظام ۾ گذاريا. سنڌ مٿان 1739ع ۾ مدد خان پٺاڻ جا حملا اکيّن سان ڏٺا ۽ انهيءَ ۾ جڙندڙ ۽ ڊهندڙ ماحول جي اسرڻ ۽ نسرڻ واري صورتحال مان گذرندي ڪيئي واقعا قلمبند ڪيا آهن. پاڻ توڙي جو سدائين قرآن پاڪ، شاه ڪريم جو ڪلام ۽ مولانا جلال الدين جي مثنوي

ٿئي ڪتاب هميشه ساڻ ڪٽندو هو، جيڪي عربي ۽ فارسيءَ ۾ لکيل آهن ۽ سندس ڪلام مان عربي ۽ فارسي جي لفظن جي چونڊ مان اهڙي خوشبوءِ اچي پئي، پر پوءِ به، روحاني سڪون جيڪو سنڌي زبان مان مليسَ سو ٻئي هنڌان حاصل نه ٿيس. ”ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ ڪيترائي عالم ۽ فاضل موجود هئا، جن پنهنجي خيالن جي اظهار جو وسيلو فارسي زبان کي بڻايو. ان ڪري هن دور ۾ بي انداز مثنويون لکيون ويون، قصيدا، چيا ويا ۽ ديوان مڪمل ڪيا ويا. سنڌ جي ناميارن بزرگن مان ڪيترن ئي فارسي زبان ۾ نثر توڙي نظم لکيو ميرعبدالرشيد ٺٽوي (وفات 1756ع)، هن عالم به لغتون تيار ڪيون ۽ ڪجھ فارسيءَ ۾ شعر چيا اٿس. اهڙيءَ طرح مخدوم ثارو، شاھ صاحب جو پڳ مٽ يار هو جيڪو فارسيءَ جو ڄاڻو عالم هو. شيوڪرام عطارد فارسي ڪلام کان علاوه ”انشاعطارد“ نثر ۾ لکيو آهي. هير رانجهي جو قصو مشهور اٿس.“ (جوڻيجو، 1973: 59)، شاھ صاحب عربي ۽ فارسيءَ جي وافر مقدار جي استعمال کي ڏسي وطن جي ٻوليءَ جي اهميت کي ڏسي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ عوام ڏانهن مخاطب ٿي فرمايو ته:

جي تو فارسي سِکئو، گولو تون غلام،
اُجيو تان آبُ گهري، ٻُڪيو تان طعامُ،
جو ٻَڌو ٻن ڳالهِئين، سو ڪيئن چائي جامُ،
ايءَ عامن سندو عام، خاصن منجهان نه ٿِئي.

(سر آسا) (شاهه)

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جهڙي باڪمال شاعر ۽ بزرگ جو هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيڻ هن ڌرتيءَ لاءِ قدرت پاران وڏو معجزو آهي. شاھ صاحب شعر جي جوڙڻ ۾ سنڌ جي سماج ۽ ملڪي حالتن

ڪان پوريءَ طرح باخبر رهندي پنهنجي ڪلام ۾ فطرت ۽ سماج جوڀرپور نقش چٽيو آهي. سندس سموري ڪلام جو فڪر هن ڌرتي تي اسريو ۽ نسريو آهي ۽ ڪيترن ئي واقعن کي اکين ڏسي يا ٻڌي تن کي فڪري گهرائي سان انهن حقيقتن جي ويجهو وجي مفهوم کي واضح ڪيو اٿس ته، واقعو ڇا آهي؟ ۽ اهڙيءَ طرح جي ڏاهپ سان پيش ڪيل واقعن ۾ فلسفياڻا نروار ڪري پيس ڪيائين. فلسفياڻن نڪتن ۾، سرڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ، سرسارنگ، سرسامونڊي ۽ سرسريراڳ سندس سچاڻپ جي چٽي گواهي پيش ڪن ٿا، انهيءَ کان علاوه سسئي پنهون، سهڻي ميهار، مومل راڻو جي عشق ۽ محبت جون ڳالهيون وڏي هنر ۽ ڪاريگريءَ سان بيان ڪيا اٿس. صدين کان ڌارين جي غلامي ڪئيسين، انهن جون ٻوليون، سکڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ غلامي ناهي ته، ٻيو ڇا آهي. جڏهن ته، اسان جي پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ٻولي، پنهنجو درياهُ، پنهنجيون رسمون، ريتون ۽ پنهنجي ثقافت جنهن جون پاڙون صدين کان وٺي هن ڌرتيءَ جي پاتال ۾ کتل آهن سي ئي اسان جي سڃاڻپ ۽ شناخت جا مضبوط اهڃاڻ آهن. پنهنجي ٻولي هوندي سوندي پراين ڳالهين جي پرچار ڪري ڪهڙي ترقي ۽ خوشحالي حاصل ڪبي. جيڪا ٻولي پورهيت، هاري ۽ مزدور نه سمجهي نه ڳالهائي ته، پوءِ ترقي ڪٿان ٿيندي؟ (Shah, 2014: 7)

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍڙ لکي ٿوته:

> حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي سنڌ جي هر علائقي کي گهمي ڦري چڱيءَ طرح جاچي ڏٺو هو، ۽ انهن سڀني علائقن جو نه رڳو جاگرافيائي احوال پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪيو آهي، پر اقتصادي ۽ سماجي طور طريقا ٻڌايا آهن. سنڌ جي سڀني طبعي حصن جي پروڙ شاهه صاحب جي ڪلام مان چڱي طرح ملي ٿي. سنڌ جو وچولو، جنهن کي شاهه صاحب ”اوتَرُ“ ٿو چوي. ڪاڇو، لس ٻيلو يا پهاڙي علائقو ۽ ” ٿر“ انهن مڙني سنڌ جي علائقن جون

جاگرافيائي حالتون سندس ڪلام ۾ موجود آهن. سر سُهڻي جي هيٺين بيت ۾ سنڌ جي ڀن علائقن جو ذڪر، شاهه صاحب هڪ ماهرانه انداز سان ڪري ٿو. (سوڍو، 1991: 32، 33)

ســـانوڻ لَــهِرون، ٿَـــر وارِي تـَـر وارَ،
اِنهائي آپارَ، مون سين ڀلي ڀال ڪيا
(سهڻي )

شاهه صاحب سنڌ جي سونهن سوڀيا تي موهت ٿي بيابان ۽ جهر جهنگ ڀٽي جهاڳيا آهن. سمنڊ جي، دريا جي موج مستين ۽ سج، چنڊ، ستارن جي جهرمر، فصلن ۽ گاهن ۽ ٻيلن وڻن ٽڻن جي سونهن تي موهجي ڪٽڪ، ٻاجهر، جوئر، ٻير جي وڻن ۽ ٻيلا جبل لتاڙي قدرت جا نظارا ڀٽي ڏٺا ۽ اهي فطري رنگ ۽ نظارا شاهه صاحب جي اندر ۾ ڪيئي موج مستيون پيدا ڪيون آهن.. سنڌ جا طبعي ڀاڱا: وچولو، ڪوهستان گهميو.
شاهه صاحب پنهنجي زندگيءَ ۾ هڪ هنڌ تي ويهڻ کي عيب سمجهندو هو، جستو ۽ جدوجهد سان ڪائنات جي رازن کي پروڙڻ خاطر جهنگلن ۽ بيابانن کي گهمڻ ڦرڻ سندس رڳ رڳ ۾ سمايل هيُس. ڪائنات جي حُسناڪين سندس اندر ۾ اهڙي ته اڻ ترڻ مچائي ڇڏي هئي جو هر نئين صبح ۽ هر رات جي اچڻ ۽ وڃڻ جو سبب به ڳوليندو رهيو.
شاهه صاحب سنڌ جو سيلاني بزرگ هو ۽ ڪائنات جي حسن تي حيران هو، تنهن ڪري سنڌ جي چپي چپي جو سير سفر حاصل ڪرڻ ڪري، ملڪ جي سموري جاگرافي ذهن ۾ سانڍيل هيس. ٽڪرن، تلين، ڏهرن، واگهين يا ٿر، وارياسو ٽڪر، ڊٿ، آب هوا اونهاري ۽ سياري ٿڌي توڙي خشڪ هوا، جهولا، لڪون، انسان توڙي جانورن جي ڪيفيت جو ڄاڻو شاعر هو. موسم جي شدت سبب انسان، جانور ۽ پکي پکڻ جي آسمان ڏانهن واجهائڻ واري ڪيفيت به سندس شاعريءَ ۾ ملي ٿي.

”سر سارنگ ۾ شاهه صاحب اهڙي ڪيفيت جي تصوير چٽي آهي، جنهن ۾ انسان توڙي جانور، پکي خواهه ڀِسون مينهن لاءِ ماندا آهن:

سارنگ کي سارين، ماڻهو مُرگَهه مِينهُون،
آڙيُون آبَرَ آسري، تاڙا تَنوارِين،
سِپُون جي سموندِ ۾، نئي سر نِهارِين،
پَلَرَ پيارين ته، سنگهارن سک ٿئي.

(سوڍڙ، 1991: 142)

شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن ئي جانورن، پکين ۽ ٻين انگن اسمن جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي، جيڪي هن ڏرتيءَ جي سونهن ۾ اضافو ڪن ٿا جن ۾ ڪي هي آهن: روجهه، سرهُ، هرڻ، ڄرڪو، لوهٽي، ٽيلهي، مڇ ۽ پکين ۾: ڪونج، ڪانَوَ، ڪبوتر، ڪانگ، تاڙو، ٻابيهو، آڙي، هنج، ٻگهه، ڪنگ، ڪوئل، چتون، ڪونج، چٻ، چيهو، ڳجهه، مور يا ڪارايل، باز، هما، ڪانيرو، تتر. ميون ۾: آما يا انب، ليمون، ڦارها، چِپڙ، راڳا، لياروغيره. ڀاڄي ۾: لُلُڙُ، لوٽڪ، مريڙو، ساڳ. گاهن ۾: سائون، سيارچ، مڪٽي، ڪِهُ، مانڌاٽو، لنبُ، آراڙو وغيره.نباتات ۾: ڪُنڊي، ڪانهه، سَرُ، لئي، ٻبر، ٻير، لئو، ڪبڙ،ڪنول يا ڪونر، لاٽولوت، ليار، ٿوهر، ڄَرُ، (جوئر، جَمَرَ يا بيد جو وڻ، لئي جنهن جائو به چون ٿا. اها ئي ته، سندس ڪلام ۾ وڏي خوبي آهي جو وطن جي هرهڪ چيز سان پيار ڪري ٿو جنهن کي وطن دوستي چيو وڃي ٿو.

عُمَرَ اُنهين ڏيهه جا، ڏوٿين ڏنم ڏس،
وَليُون، وڻ ڦُلاريا، لَڙُنگيو لَسِ،

آٽيـــــــو وجهنِ آهُرين، سندا ٿُوهَنِ ٿِلِسِ،
ميوا، مَڃَرُ، ماکيُون، سپ ڪا ڇَڪَنِ ڇَسَ،
مـــــاڙِي وِهــي مَـس، ملير وِيندي مارُئي.

(مارئي)

شاه صاحب پورهيت ۽ هارين سان پيار ڪندڙ هو، جو اُن وقت جي پوهي راهي جي رائج طريقيڪار جو به ذڪر ڪيو اٿس. اُن دور ۾ دريائي ڪنارن جي ويجهو آبپاشيءَ جا ٽي طريقا رائج هئا: **چرخي**، **موکي** ۽ **بوسي** يا باراني. تن جو ذڪر هن طرح جو ملي ٿو:

آيـــــل اويـــــارو، ٻـــاڙُوڌو ٻَوڙ وَهي.

(حسيني)

مطلب ته، شاه صاحب جي ذاتي زندگي، شخصي آموزدن، ماحولياتي تجربن ۽ مشاهدن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته، هن جهرجهنگ جهاڳي هرهڪ شيءِ جي اهميت ۽ افاديت جو اقرار جهڙي طرح پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي، اهڙي طرح جو شرف ٻئي ڪنهن شاعر کي حاصل نه ٿيو آهي.

> شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه زندگيءَ جو پورو فلسفو به سمجهايو آهي، جنهن ڪري سنڌ جي ٻين شاعرن ڪٿي نه ڪٿي ان جو اثر ضرور قبول ڪيو آهي. انهن خوبين جي ڪري شاه صاحب کي شاعرن جو سرتاج سڏيو وڃي ٿو. شاه صاحب جو فڪري دامن تمام وسيع هو جنهن ڪري سندس ڪلام ۾ قرآني آيتن ۽ حديثن جو استعمال ملي ٿو. (آغا سليم، 2011: 26)

شاه صاحب سيرسفر جو ڪوڏيو هو ڪيترن ئي بزرگن سان پري پري تائين ملاقاتون ڪري ايندو هو ۽ عوامي زندگيءَ کي تمام

گهرائي سان چڪاسيائين. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ گهميائين ۽ سنڌ کان ٻاهر پرپرو به سير ڪيائين جنهن ۾ ملتان، لاهوت، ڪڇ، لس ٻيلي کان هنگلاج تائين به ويو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترائي مشاهدا بيان ڪيا آهن، تنهنڪري هر ڪردار ڪي اُن جي اهليت (Merit) موجب بيان ڪيو اٿس. سندس هر ڪردار سورمو نه آهي ۽ نه هر خاتون سورمي آهي. مارئي بيشڪ سورمي آهي، پر ليلا سورمي نه آهي. مارئي ڪنڊن ٻنجي چڪي آهي، ليلا محض هڪ عارضي چمڪندڙ ڏاتو آهي ۽ ڏوڪو ڏيندڙ آهي....ليلا ۽ نوريءَ جي هلت شاه جي رسالي جي روشنيءَ ۾ هڪ واضح پيٽ آهي، هٺ ۽ نهٺائيءَ جي ڪري ادمبر، خود غرضيءَ جي پتلي آهي ته وري نوري بي غرضيءَ ۽ پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ٿمٿار آهي. ليلا کي موتين، مٽين، زيورن ۽ زر جي گهڻي لالچ آهي، ان لالچ ۾ هوءَ وَرَ وڪٽي ٿي، پر نوريءَ وَر خاطر سڀ ڪجھ وساري ويٺي آهي، نوريءَ جو نياز ئي هن جو زيور آهي. شاه صاحب نوريءَ جي ڪردار جي تصوير هن ريت ڪڍي ٿو:

مُـــــهاڻيءَ جــــي مــن ۾، گيرب نه گاءُ
نــــيڻن سان ناز ڪري، ريجهايائين راءُ
سمو سڀن مُلا، هيريائين حرفت سين.”

(جوڻيجو، 2002، 216، 217)

## نتيجو

هن تحقيقي اڀياس مان نتيجو اخذ ٿيو آهي ته، شاه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي پهلوئن کي اجاگر ڪري هميشه زنده ڪري ڇڏيو آهي. شاه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي زماني جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن جو تمام گهرائي سان پنهنجي ڪلام ۾ ذڪر ڪري ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن، اديبن ۽

اسڪالرن جو ڌيان سنڌي زبان ڏانهن ڇڪرايو آهي. شاهه صاحب جي پيغام مان عالم انسان پنهنجي مراد ماڻي وٺي ٿو. سندس ڪلام ۾ اهڙو ته رس ۽ چس رکيل آهي جو هرڪوانهيءَ مان مزو ماڻي ٿو. جيڪو جيئن ۽ جهڙي طبع جو مالڪ آهي، شاهه صاحب پنهنجي ڪلام سان انهيءَ کي اوڏانهن وٺي وڃي روح جي راحت پهچائي ٿو.

## حوالا


آغا سليم. (2011). سنڌي موسيقيءَ جي روايت ۽ شاهه جي رسالي جا سُرَ (ڇاپو پهريون). ڪراچي سنڌ: شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي.

الانا، غلام علي، ڊاڪٽر. (2006). سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، ڇاپو پهريون. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.

بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. (2016). شاهه جو رسالو 1867ع جي پهرئين بمبئي ڇاپي جو عڪسي ڇاپو (مهاڳ). حيدرآباد، سنڌ: سنڌي ساهت گهر.

جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو پنجون. ڪنڊيارو سنڌ: روشني پبليڪيشن.

نظاماڻي، نورمحمد، مولوي. (2015). عبدالله، عبدالغني ۽ محمد صديق ’مسافر‘ (مؤلف) سنڌ جي تاريخ _ قديم سنڌ، (سومرا ۽ سما، ارغون ۽ ترخان کان مغل دور تائين. اداري پاران: ڇاپو پهريون. حيدرآباد، سنڌ: سنڌي ساهت گهر.

ميمڻ، عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر. (2002). سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ڇاپو پهريون. ڪنڊيارو، سنڌ: روشني پبليڪيش.

سومرو، عبدالغفار (2017). محقق ۽ شارح: شاهه ڪريم جا بيت، اقوال ۽ نقل _ (ڇاپو پهريون) ڪراچي سنڌ: سنڌيڪا ايڪيڊمي.

سوڍر، شاهنواز. (1991). سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف، ڇاپو پهريون، حيدرآباد سنڌ: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه..

جوٽيجو، عبدالجبار. (2002). ڪٿمال چاپو پهريون. يونيورسٽي آف سنڌ ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.